قبر جو عذاب

نبي ڪريم ﷺ مشاهدن جي آڌار تي امت ڪي قبر جي عذاب جا
جيڪي سبب ٻڌيا آهن، انهن مان ڪجھ هن مختصر ڪتاب ۾ موجود آهن.
جيڪي عبرت ۽ نصيحت آموز آهن.

ترتيب ۽ سهيڙيندڙ
مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

ڇپائيندڙ
صديق حيدر ڪتاب گهر شڪارپور

کتاب جو نالو: قبر جو عذاب
ترتيب ۽ سهيڙيندڙ: مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي
صفحا:
ڪمپوزر: ابو محمد چوهاڻ
پهريون ايڊيشن:
ڇپائيندڙ: صديق حيدر ڪتاب گهر شڪارپور

ملڻ جا هنڌ

صديق حيدر ڪتاب گهر، نزد مين گيٽ گهنٽي هاءِ اسڪول نمبر 2 شڪارپور03013293775
عبدالقدير شيخ شڪارپور 03013635295
رفيق احمد شيخ شڪارپور
اسد الله سومرو شڪارپور
مڪتبہ ابو خالد شهيد رح لاڙڪاڻہ
حقاني ڪتب خانو دودائي روڊ لاڙڪاڻو
مولانا سليم الله چوهاڻ راڄو ڳوٺ شڪارپور
شاهہ لطيف ڪتاب گهر حيدرآباد
بخاري ڪتاب گهر سکر
عزيز ڪتاب گهر سکر
مدني اسلامي ڪتب خانو دادو
ممتاز ڪتاب گهر دادو
رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو
مولوي محمد عظيم ڪتب خانو شڪار پور
فاروقي اسلامي ڪيسٽ هائوس شهداد ڪوٽ
سنڌ ڪتاب گهر، پٽائي بازار شڪارپور
قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو
خيرپور بوڪ اسٽال خيرپور ميرس
حافظ ڪتاب گهر گهوٽڪي
حسيني ڪتاب گهر نوشيروفيروز
حافظ عبدالڪريم ڦلپوٽو، مدرسہ عربيہ باگو ڦلپوٽو،
قاري امان الله اڄڻ، مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ راڄو ڳوٺ، شڪارپور.
مولانا شفيع محمد اڄڻ سائيٽ ايرياسکر
قاري حماد الله شيخ، مدرسہ دارالقرآن مائڪرو ٽاور، سکر.

حافظ ڪتب خانہ ميرپور ماٿيلو
مڪتبہ امام العصر گهوٽڪي
مڪتبہ عزيزيہ شهر کهڙا
محمد لقمان عباسي ڪنڊيارو
عبدالرافع گوپانگ قمبر
قاري خليل احمد سومرو پٽيزن
عبدالله بوڪ اسٽور بندر روڊ لاڙڪاڻو
عبداللطيف پنهور شڪارپور
رحمت الله ٻرڙو شڪارپور
ثناء الله انڍڙ شڪارپور
محمد اسماعيل چنو شڪارپور
محمد عالم بلوچ سکر
رشيد ڪتاب گهر تبليغي مرڪز سکر
قربان علي فاروقي شهداد ڪوٽ
مڪتبہ عمر فاروق پنوعاقل
مدني ڪتاب گهر پنو عاقل
رفيق احمد پنو عاقل
ماسٽر ڪتاب گهر پنو عاقل
عبد الرحمان نقشبندي حيدرآباد
ضمير احمد چانڊيو، ميهڙ
حسيني ڪتاب گهر مورو
حافظ امير احمد پهوڙ ميرپوربرڙو
حافظ ظهور احمد اڄڻ، انڊس پبلڪ هاءِ اسڪول ڏڀ مهر شاهہ
مولانا شعيب الرحمان کهڙو،
مولانا سراج احمد پنهور، مهتمم جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل خيرپور، ميرس.

انتساب ....!!

جانشين حضرت قاسمي رحہ

حضرت الاستاذ سائين محمد اسماعيل قاسمي دامت برڪاتهم العاليہ

جن جي نالي ڪرڻ سعادت سمجهان ٿو. جنهن جي خدمت ۾ وڃي جامع المعقول والمنقول حضرت الاستاذ سائين عبدالغفور قاسمي رحہ جون سڪون لهنديون آهن، حضرت مولانا سائين محمد اسماعيل قاسمي دامت برڪاتهم العاليہ پنهنجي عظيم استاد جي مشن کي جاري ڪيون وينو آهي، علمي جوت جلايون وينو آهي، پنهنجي عظيم استاد جي جانشينيءَ جو حق ادا ڪري ڇڏيو اٿس. آئون دعا ٿو ڪريان شال رب حضرت سائين جن جي عمر ۾ برڪت ۽ صحت عطا ڪري. آمين

فقط خاڪپاءِ حضرت سنڌي رحہ

ابو محمد سليم الله بن صوفي خدابخش چوهاڻ

ڊائريڪٽر مولانا عبيدالله سنڌي اڪيڊمي

راڄو ڳوٺ

مهتمم مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ

راڄو ڳوٺ تعلقہ لکي غلام شاهہ

ضلع شڪارپور

تقريظ

استاذالعلماء حضرت مولانا سائين محمد رمضان ڦلپوٽو

شيخ الحديث دارالهديٰ ٺيڙهي خيرپور ميرس

ان الحمدلله نحمده ونصلي ونسلم عليٰ رسوله الڪريم اما بعد!

الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجي دين اسلام کي سولن ۽ سهنجن طريقن سان سمجهائڻ لاءِ قرآن ڪريم مختلف نمونن، طريقن ۽ اسلوبن سان اسان انسان کي سمجهاڻيون ڏنيون آهن.

قبر جو عذاب بر حق آهي، جنهن جو ثبوت قرآن ڪريم ۽ نبي ڪريمﷺ جي فرمانن مان ملي ٿو. ڪو به مسلمان انهن آيتن ۽ حديثن جو انڪار ڪرڻ جي جرئت نٿو ڪري سگهي، اهڙين آيتن ۽ حديثن جي روشنيءَ ۾ اسان جي پياري ساٿي حضرت مولانا سليم الله چوهاڻ صاحب هي ڪتاب "قبر جو عذاب" تيار ڪري هڪ وقتائتو قدم کڻي سنڌي قوم جي ڀلائي ۽ بهتريءَ جو سامان گڏ ڪيو اٿس.

الله تعاليٰ شال مصنف ۽ ٻين سڀني جو پگهر ۽ پورهيو مقبول ۽ منظور فرمائي ۽ هن ڪتاب کي قبوليت تام ۽ مقبوليت عام سان سرفراز فرمائي.

وذٰلڪ علي الله يسير

احقر العباد

محمدرمضان ڦلپوٽو

خادم دارالحديث النبويﷺ دارالهديٰ (حبيب آباد) ٺيڙهي

10 جمادي الثانيه 1439 هجري

27 فيبروري 2018ء

فهرست

پيش لفظ

الحمد للّٰه رب العالمين والعاقبة للمتقين والصلوٰة والسلام عليٰ سيد المرسلين و عليٰ آلہ و اصحابہ اجمعين.

امابعد! زير نظر ڪتاب قبر جي عذاب جي متعلق آهي، اڄ ڪلهہ جديد تعليم يافتہ ماڻهن مان ڪي قبر جي عذاب جا منڪر آهن. جڏهن تہ قبر جي عذاب جو ثبوت اسان کي قرآن ۽ حديث جي بي شمار آيتن ۽ روايتن مان ملي ٿو. ان ڪري صحيح عقيدي وارو مسلمان انهن آيتن ۽ روايتن جو انڪار نٿو ڪري سگهي. ضرورت هئي انهن آيتن ۽ حديثن جي روشنيءَ ۾ هڪ ڪتاب قبر جي عذاب جي متعلق تيار ڪجي، جيئن اسان جا مسلمان پائر نصيحت ۽ عبرت ڪري سگهن.

ڪتاب جي تياريءَ ۾ هي ڪتاب سامهون رهيا:

(1) عذاب قبر کے 300 دھشتناک وقعات مولانا ارسلان بن اختر۔

(2) حاصل مطالعہ مولانا محمد فیاض خان سواتی۔

ڪتاب ۾ آيل قرآن شريف جي آيتن جو ترجمو وطن جي آزاديءَ جي امام حضرت مولانا سيد تاج محمود شاهہ امروٽي رحہ تان ڪنيو آهي.

الله تعاليٰ جا اڻ ڳڻيا احسان آهن جون مون کي پنهنجي دين جي اشاعت لاءِ منتخب فرمايو آهي. ان لاءِ آئون پنهنجي پالڻهار جو جيترو شڪر ڪريان گهٽ آهي. مون کي وڏي عالم هجڻ جي نہ دعويٰ آهي، نہ ئي اديب هجڻ جي دعويٰ

آهي. ٿورو ٿڪو جيڪو لکيو رهيو آهيان، اهو خاص الله تعاليٰ جي توفيق ۽ مدد سان ئي لکي رهيو آهيان. ان ڪم ۾ منهنجي مهربان ۽ شفيق استادن جون دعائون ضرور شامل آهن، جهڙوڪ استاذالڪل حضرت مولانا سائين غلام محمد پنهور رحہ ڪولاب جيئل، جانشين استاذالڪل حضرت مولانا مفتي عبدالقادر پنهور رحہ آئون جيڪو ڪجھ قلمي ڪم ڪري رهيو آهيان، ان ۾ مدرسہ ڪولاب جيئل جو فيض ضرور شامل آهي، جو آئون ڪولاب جيئل جي مدرسي ۾ ديني علمن جي تڪميل ڪئي آهي. ديني علمن جي تڪيل ڪرڻ کان پوءِ بہ منهنجا استاد، استاذالڪل حضرت مولانا سائين غلام محمد پنهور رحہ سندس پائيٽو حضرت مولانا مفتي عبدالقادر پنهور رحہ منهنجي لاءِ ڇپر ۽ ڇانءُ هوندا هئا، هاڻي جيتوڻيڪ هي ٻئي پيارا انسان هن فاني جهان کي ڇڏي دائمي جهان ڏانهن راهي ٿي چڪا آهن، ان ڪري آئون چاهيان ٿو، منهنجي هر نيڪ ۽ چڱي ڪم ۾ منهنجي استادن جو نالو ضرور شامل هجي.

ان کان سواءِ منهنجي هن قلمي ڪم ۾ جن مهربان سڄڻن جو هر وقت ساٿ رهندو آهي، انهن کي بہ هن علمي ۽ قلمي ڪم ۾ شامل ڪرڻ ضروري ٿو سجهمان، جهڙوڪ: استاذالعلماء حضرت مولانا ڊاڪٽر مفتي محمد ادريس سومرو، استاذالعلماء حضرت مولانا سائين محمد رمضان ڦلپوٽو، استاذالعلماء حضرت مولانا محمد اسماعيل قاسمي سجاول، برادرم مولانا شعيب الرحمان کهڙو، برادرم مولانا سراج احمد پنهور مهتمم جامعہ اسلاميہ شمس الهديٰ ڪولاب جيئل خيرپور ميرس، برادرم مولانا خالد محمود جوڻو برادرم ڊاڪٽر محمود حسن چنڙ.

ان ڪان سواءِ مجاهد جمعية برادرم يار محمد شيخ، مالڪ اداره صديق حيدر ڪتاب گهر شڪارپور جنهن هن ڪتاب جي ڇاپڻ جو سنو ۽ بهترين انتظام ڪيو.

الله تعاليٰ شال ٻين سڀني جو پگهر ۽ پورهيو مقبول ۽ منظور فرمائي ۽ هن ڪتاب کي قبوليت تام ۽ مقبوليت عام سان سرفراز فرمائي.

فقط خاڪپاءِ حضرت سنڌي رحہ

سليم الله چوهاڻ

خادم مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ راڄو ڳوٺ

ضلع شڪارپور تعلقہ لکي غلام شاهہ

03043015260

Salimchohan71@gmail.com

9 جمادي الثانيہ 1439 هجري

28 فيبروري 2018ء

قبر جو عذاب قرآن ڪريم جي روشنيءَ ۾

قبر جو عذاب بر حق آهي. جنهن جو ثبوت قرآن ۽ حديث ۾ ملي ٿو.قرآن پاڪ جي بي شمار آيتن ۽ نبي پاڪ جي بي شمار حديثن ۾ قبر جي عذاب جو ثبوت ملي ٿو. هتي پڙهندڙن جي خدمت ۾ نموني جي طور تي قرآن ۽ حديث مان قبر جي عذاب جو ذڪر ملي ٿو.

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

''وَمَنۡ أَعۡرَضَ عَن ذِكۡرِي فَإِنَّ لَهُۥ مَعِيشَةً ضَنكًا وَنَحۡشُرُهُۥ يَوۡمَ ٱلۡقِيَٰمَةِ أَعۡمَىٰ''

سورت طٰهٰ: آيت نمبر 124)

ترجمو:”۽ جيڪي منهنجي ياد ڪرڻ کان منهن موڙيندو تنهن لاءِ بيشڪ حياتي اهنجي ٿيندي ۽ قيامت جي ڏينهن کيس انڌو ڪري اٿاريندا سون“ (ترجمو حضرت مولانا سيد تاج محمود شاهه امروٽي رحہ)

هن آيت ۾ ”ضنڪا“ آيو آهي، ان مان مفسرن قبر جو عذاب مراد ورتو آهي.

حضرت ابوهريره رضہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ مومن جي قبر سبز باغ هوندي آهي. سندس قبر ستر هٿ ڪشادي ڪئي ويندي آهي، سندس قبر چوڏهين جي رات وانگر روشن هوندي آهي. پوءِ فرمايائون تہ هي آيت

"ذِكْرِي فَإِنَّ لَهُ مَعِيشَةً ضَنكًا" "بيشڪ حياتي اهنجي تيندي"

خبر اٿئو هي آيت ڇا جي باري ۾ نازل ٿي آهي؟ اصحابن سڳورن عرض ڪيو الله ۽ سندس رسولﷺ وڌيڪ ڄاڻن ٿا. پاڻ ڪريمﷺ جن فرمايو: هي آيت ڪافر جي عذاب باري ۾ آهي. سندس قبر ۾ ان تي نوا نوي نانگ مسلط ڪيا ويندا آهن.

قبر جي عذاب جي باري ۾ ٻي جاءِ تي الله تعاليٰ فرمائي ٿو: أَلْهَاكُمُ التَّكَاثُرُ {التكاثر/1} حَتَّى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ {التكاثر/2} كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُونَ {التكاثر/3} ثُمَّ كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُونَ {التكاثر/4} كَلَّا لَوْ تَعْلَمُونَ عِلْمَ الْيَقِينِ {التكاثر/5} لَتَرَوُنَّ الْجَحِيمَ {التكاثر/6} ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيْنَ الْيَقِينِ {التكاثر/7} ثُمَّ لَتُسْأَلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيمِ {التكاثر/8}

اي ماڻهو) پاڻ ۾ گهڻائي (تي مرڪڻ) اوهان کي ويسلو ڪيو تان جو قبرن کي ڏٺوَ، ائين نه آهي سگهوئي ڄاڻندؤ، ور، (چئون ٿا ته) سگهوئي ڄاڻندؤ، هو نه! جيڪڏهن پڪي ويساهه سان ڄاڻو ها (ته ويسلو نه ويهو ها قسم آهي ته ضرور دوزخ کي ڏسندؤ، وري ٻه ان کي يقين واريءَ اک سان ضرور ڏسندؤ. وري اُن ڏينهن نعمتن بابت اوهان کان ضرور پڇبو (ترجمو حضرت مولانا سيد تاج محمود شاهه امروٽي رحه)

قبر جي عذاب ۾ شڪ ڪرڻ ڪفر آهي:

قبر جو عذاب بر حق آهي ۽ نهايت ئي نازڪ مسئلو آهي. اڄ ڪلهه ته ماڻهو اکين جي اڳيان پيش ٿيندڙ واقعن مان اثر وٺندا آهن، قبر جي عذاب کي ڪنهن ڏٺو نه آهي نه مرندڙ قبر ۾ وڃڻ ڪان پوءِ ڪا خبر ٻڌائي آهي ته آئون ڪنهن حال ڪان گذري رهيو آهيان؟ ۽ قبر ۾ ڪهڙو حال آهي؟ انهيءَ ڪري نبي ڪريمﷺ جن فرمايو آهي ته:" عَذَابُ الْقَبْرِ حقٌ" يعني قبر جو عذاب برحق آهي.

علامہ جلال الدين سيوطي رحہ فرمائي ٿو تہ قبر جي عذاب جو ذڪر قرآن ۽ حديث ۾ ڪيترن ئي جڳهن تي آيو آهي. انهيءَ ڪري ٻن ملائڪن (منڪر نڪرن) جو مئلن ڪان سوال ڪرڻ بہ بر حق آهي ۽ ان تي ايمان آڻڻ فرض آهي.

(موت کا جھٹکا مولانا احمد سعید دھلویؒ)

حضرت عبداللّٰہ فرمائي ٿو تہ قبر جو عذاب بر حق آهي. ڇاڪاڻ تہ هن جو انڪار بہ اهو ئي ماڻهو ڪري سگهي ٿو، جيڪو پاڻ گمراهہ هجي ۽ ٻين کي بہ گمراهہ ڪندڙ هجي.

حضرت امام احمد بن حنبل فرمائي ٿو تہ مون حضرت عبداللّٰہ بن عمر رضہ ڪان قبر جي عذاب جي باري ۾ پڇيو تہ فرمايائون تہ قبر جي عذاب بابت آيل سڀ حديثون صحيح آهن. ان تي اسان جو ايمان آهي. ڇاڪاڻ تہ نبي ڪريم ﷺ جن جون حديثون آيل آهن، جيڪڏهن اسان انهن کي نہ مڃينداسون تہ حديث جي انڪار ڪرڻ جي ڪري اللّٰہ تعاليٰ جي فرمانن جا بہ انڪاري ٿي پونداسون. ڇاڪاڻ تہ اسان کي نبي ڪريم ﷺ جن جي تابعداري ڪرڻ جو حڪم آهي.

خلاصو هي آهي تہ قبر جو عذاب برحق آهي. جيڪڏهن ماڻهن کي ان جو مشاهدو ڪرايو وڃي تہ انسان جو کائڻ، پيئڻ، امن ۽ سڪون ئي ختم ٿي ويندو. پر ڪڏهن ڪڏهن اللّٰہ تعاليٰ عادت جي ابتڙ قبر جي عذاب جو مشاهدو بہ ڪرائيندو آهي. (راهہ نجات صفحو 21، 23)

قبر جي عذاب جا قسم:

علامہ ابن قيم رحہ فرمايو آهي تہ قبر جو عذاب بہ قسم آهي:

- دائمي عذاب جيڪو ڪافرن ۽ ڪن گناهگارن جي لاءِ آهي.

- غير دائمي (ختم ٿيندڙ). هي عذاب گهٽ گناهگارن جي لاءِ آهي. هي عذاب انهن جي ڏوهہ جي مطابق ٿيندو، پوءِ ختم ٿي ويندو. هي عذاب صدقي ۽ دعا وغيره سان ختم ٿي ويندو آهي.

جمعہ جي ڏينهن عذاب جي حالت:

امام شافعي رحہ فرمايو آهي تہ ميت کي جمعہ جي ڏينهن عذاب نہ ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هي جمعہ جي ڏينهن جي فضيلت جو صدقو آهي. پر هي ڪافرن جي لاءِ نہ آهي. بلڪ مسلمان گناهگار جي لاءِ آهي.

قبر جو عذاب حديث جي روشنيءَ ۾:

جيئن قرآن ڪريم ۾ قبر جي عذاب جو ذڪر آهي، ائين نبي ڪريمﷺ جن فرمانن ۾ بہ قبر جي عذاب جو ذڪر ملي ٿو. هتي پڙهندڙن جي خدمت ۾ قبر جي عذاب جي باري ۾ نبي ڪريمﷺ جن جا فرمان ذڪر ڪجن ٿا.

حضرت عائشہ رضہ فرمائي ٿي تہ هڪ يهودي عورت ان وٽ اچي هي دعا ڪئي تہ الله تعاليٰ توهان کي قبر جي عذاب کان بچائي. جڏهن پاڻ ڪريمﷺ جن گهر آيا تہ مون نبي ڪريمﷺ جن کان قبر جي عذاب جي باري ۾ پڇيو تہ پاڻ ڪريمﷺ جن فرمايو:"

" عَذَابُ الْقَبْرِ حقٌ" يعني قبر جو عذاب برحق آهي. حضرت عائشہ رضہ فرمائي ٿي تہ ان کان پوءِ پاڻ ڪريمﷺ جن جڏهن بہ نماز پڙهندا هئا تہ قبر جي عذاب کان پناهہ گهرندا هئا.

(بخاري شريف: **جلد** 1 **صفحو** 183)

قبر جي عذاب جي حفاظت کان نبي ڪريم ﷺ جن جي دعا:

حضرت ابو هريره رضہ فرمائي ٿو تہ نبي ڪريم ﷺ جن هي دعا گهرندا هئا:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَعُوۡذُبِکَ مِنۡ عَذَابِ الۡقَبۡرِ وَمِنۡ عَذَابِ النَّارِ وَمِنۡ فِتۡنَةِ الۡمَحۡيَا وَالۡمَمَاتِ وَمِنۡ فِتۡنَةِ الۡمَسِيۡحِ الدَّجَّالِ (بخاري شريف جلد 1 صفحو 184)

ترجمو:" اي الله! آئون قبر جي عذاب کان پناهہ گهران ٿو، جهنم جي باهہ کان پناهہ گهران ٿو ۽ زندگي ۽ موت جي فتني کان پناهہ گهران ٿو ۽ دجال جي فتني کان بہ پناهہ گهران ٿو.

قبر جو عذاب جانور بہ ٻڌن ٿا:

حديثن ۽ صحابہ جي آثار مان چڱي طرح معلوم ٿئي ٿو تہ قبر جي حالت ۽ عذاب وغيره جو آواز جيتوڻيڪ انسان ۽ جنن کان ڳجهو هوندو آهي، پر ٻيا جانور ان جو آواز ٻڌن ٿا. انهن جي حالتن تي خبردار ٿيندا آهن.

جيئن تہ بخاري شريف جي روايت ۾ آهي جڏهن منافق ۽ ڪافر کان قبر ۾ سوال ٿيندو آهي تہ اهي صحيح جواب نہ ڏئي سگهندو آهي، ملائڪ ان کي لوهہ جي هٿوڙي سان ايترو زور سان ماريندا آهن، اهو بي اختيار رڙيون ڪندو آهي. سندس آواز انسانن ۽ جنن کان سواءِ جيڪي جانور ان جي ويجهي هوندا آهن، اهي ان جي آواز کي ٻڌندا آهن. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:

"اِنَّ اَهۡلَ الۡقُبُوۡرِ، يُعَذِّبُوۡنَ فِيۡ قُبُوۡرِهِمۡ عَذَابًا تَسۡمَعُهُ الۡبَهَائِمُ".

(بخاري شريف جلد 2 صفحو 942)

ترجمو:” بي شڪ قبرن وارن کي انهن جي قبرن ۾ عذاب ڏيندو آهي، جنهن کي جانور ٻڌندا آهن.

چغلي هڻندڙ ۽ پيشاب کان نہ بچڻ واري کي قبر جو عذاب:

حضرت عبدالله بن عباس رضہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺ جن ٻن قبرن وٽان لنگهيا. پاڻ ڪريمﷺ جن فرمايو تہ هنن قبرن وارن کي عذاب ٿي رهيو آهي، ۽ فرمايائون تہ ڪنهن وڏي ڏوهہ جي ڪري عذاب نہ ٿي رهيو آهي، بلڪ معمولي ڳالهين جي ڪري جنهن کان اهي بچي سگهندا هئا پر اهي انهن کان نہ بچي سگهيا، ان ڪري هنن کي عذاب ٿي رهيو آهي. پوءِ پاڻ ڪريمﷺ جن انهن ٻنهي جي گناهن جو تفصيل ٻڌايو تہ انهن مان هڪڙو پيشاب ڪرڻ ۾ پردو نہ ڪندو هو ۽ هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ اهو پيشاب کان پرهيز نہ ڪندو هو. ۽ ٻيو ماڻهو چغلي هڻندو هو.

پوءِ پاڻ ڪريمﷺ جن هڪ آلي ڇڙهي گهرائي ان کي ٻہ اڌ ڪري انهن ٻنهي قبرن تي رکي ڇڏي. اصحابن سڳورن عرض ڪيو: اي الله جا رسولﷺ! اوهان ائين ڇو ڪيو؟ پاڻ ڪريمﷺ جن فرمايو تہ اميد آهي تہ انهن ٻنهي جو عذاب ان جي سڪڻ تائين هلڪو ڪيو ويندو.

(بخاري شريف جلد 2 صفحو 119، ترمذي شريف348، نسائي شريف جلد 1 صفحو 106)

نماز نہ پڙهڻ جي ڪري قبر جو عذاب:

نبي ڪريمﷺ مشاهدن جي آڌار تي امت کي قبر جي عذاب جا جيڪي سبب ٻڌيا آهن، انهن مان هڪ وڏو سبب

نماز نہ پڙهڻ آهي ۽ نماز نہ پڙهڻ تي اللّٰه تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ سخت عذاب جون وعيدون ٻڌايون آهن.

ان ڪري توهان ۽ اسان کي گهرجي تہ پنج وقت نماز جي پابندي سان پڙهون. نبي ڪريم ﷺ جن ڪيترن ئي موقعن تي نماز جي اهميت کي بيان ڪندي فرمايو آهي.

هڪ روايت ۾ آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي:

”بَيْنَ الرَّجُلِ وَبَيْنَ الشِّرْكِ تَرْكُ الصَّلَاةِ“

ترجمو: ٻانهي ۽ شرڪ جي وچ ۾ فرق نماز ڇڏڻ آهي. (مسلم شريف)

هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ پاڪ ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي:

”بَيْنَ الْكُفْرِ وَالْإِيْمَانِ تَرْكُ الصَّلَاةِ“

ترجمو:” ڪفر ۽ ايمان جي وچ ۾ فرق نماز ڇڏڻ آهي.

هڪ ٻي روايت ۾ هن طرح آيو آهي:

”اَلْعَهْدُ الَّذِي بَيْنَنَا وَ بَيْنَهُمُ الصَّلَاةُ فَمَنْ تَرَكَهَا فَقَدْ كَفَرَ“

(مسند احمد)

ترجمو:”اسان جي ۽ ڪافرن جي وچ ۾ اصل فرق نماز جو آهي، پوءِ جنهن نماز ڇڏي ان ڪفر ڪيو.

اصحابي سڳورا نماز نہ پڙهندڙ کي ڪافر سمجهندا هئا:

حضرت عبداللّٰه بن شفيق رحہ فرمائي ٿو:

”كَانَ اَصْحَابُ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ لَا يَرَوْنَ شَيْئًا مِنَ الْاَعْمَالِ تَرْكُهُ كُفْرًا غَيْرَ الصَّلَاةِ“

ترجمو:” نبي ڪريمﷺ جن جا اصحابي سڳورا ڪنهن چڱي عمل کي ڇڏڻ کي ڪفر نہ سمجهندا هئا، سواءِ نماز جي. يعني نماز کي ڇڏڻ کي ڪفر سمجهندا هئا.

هتي پڙهندڙ جي خدمت ۾ نماز نہ پڙهڻ ڪري قبر جي عذاب جا ڪجھ واقعا پيش ڪجن ٿا.

(1) ابن جوزي رحہ عبدالله بن محمد مديني کان روايت ڪئي انهيءَ پنهنجي هڪ دوست کان روايت ڪئي آهي تہ هڪ پيري جي ڳالھ آهي تہ آئون پنهنجي زمين تي ويس تہ هڪ قبرستان تي پهتس شام ٿي وئي. مون اتي سانجهي جي نماز پڙهي. ٿوري دير کان پوءِ قبر مان رو ئڻ جو آواز ٻڌو تہ مون ان قبر وٽ ويس. جنهن مان هي آواز اچي رهيو هو ڪير چئي رهيو هو: افسوس! جيڪر آئون نماز پڙهندو هجان ها ۽ روزا رکان ها. آئون پنهنجي دوست جي ويجهي ٿيس، ان بہ اهو ئي آواز ٻڌو جيڪو آواز مون ٻڌو هو. ان کان پوءِ آئون پنهنجي زمين کان موٽي آيس، ٻئي ڏينهن بہ انهي ساڳي جڳہ تي نماز پڙهي جتي اڳ ۾ نماز پڙهي هئس، شام تائين اتي ترسيل رهيس، ساڳي ئي وقت ۾ اهو ئي آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ افسوس! جيڪر تہ آئون نماز پڙهندو هجان ها. هن پيري ان آواز ۾ درد سمايل هو، عذاب جي ڪري آئون جڏهن گهر موٽي آيس تہ ٻن مهينن تائين بيمار رهيس. (بحوالہ شرح الصدور)

(2) ڳالهائيندڙ نانگ:

هڪ ماڻهو مري ويو، جڏهن ان جو جنازو آندو ويو صفون سڌون ٿيون ماڻهو صفن ۾ بينا هئا تہ ڏٺائون تہ ڪفن جي اندر چرپر ٿي رهي آهي. ماڻهن جڏهن ڪفن کوليو تہ ڏٺائون ڪفن جي ادر هڪ زهريلو نانگ هو، جيڪو ان کي

ڏنگي رهيو هو. ماڻهو ان نانگ کي مارڻ لاءِ اڳتي وڌيا تہ ان نانگ ڪلمو پڙهيو ۽ ڳالهايو، مون کي ڇو ٿا ماريو. مان پنهنجي مرضيءَ سان نہ آيو آهيان، بلڪ الله تعاليٰ جي طرفان موڪليل آهيان، آئون هن کي قيامت تائين عذاب ڏيندو رهندس. ماڻهن پڇيو تہ هن جو ڏوهہ ڪهڙو آهي؟ ان نانگ جواب ڏنو تہ هن جا ٽي ڏوهہ هئا:

- ❖ هي بانگ ٻڌي مسجد ۾ نہ ايندوهو.
- ❖ هي پنهنجي مال جي زڪوٰت نہ ڏيندو هو.
- ❖ هي عالمن جي ڳالهہ نہ ٻڌندو هو.

(3) بي نمازي جي ڪنڌ ۾ باهہ جو زنجير:

حضرت حسن بصري رحہ جي هٿن تي هڪ ڪفن چور توبہ ڪئي، جنهن تقريبا 2200 ڪفن چوري ڪيا هئا. حضرت بصري رحہ جي پڇڻ تي ان ٽن قبرن جا واقعا ٻڌايا، انهن مان هڪ هي آهي تہ هڪ ڀيري جڏهن اهو ڪفن چوري ڪرڻ لاءِ هڪ قبر کوٽي تہ هڪ ڪاريهر نانگ هو، ان جي چئني پاسن کان باهہ لڳي رهي هئي، ملائڪ ان جي ڳچيءَ ۾ زنجير ٻڌي بيٺا هئا. انهيءَ ماڻهو ڏسندي رڙيون ڪيون:" ادا آئون اجايل آهيان، مون کي ٿورو پاڻي تہ پيار". ملائڪ مون کي چيو خبردار! هن بي نمازيءَ کي پاڻي نہ ڏجانءِ. مون همت ڪري ميت کان پڇيو تہ تون ڪير آهين ۽ تنهنجو ڏوهہ ڪهڙو هو؟ ان جواب ڏنو آئون مسلمان هئس، پر افسوس جو مون الله تعاليٰ جي تمام گهڻي نافرماني ڪئي آهي، مون وانگر ڪيترائي ماڻهو عذاب ۾ مبتلا آهن. (راحت القلوب)

روزو نہ رکڻ جي ڪري قبر جو عذاب:

نبي ڪريمﷺ امت کي قبر جي عذاب جا جيڪي سبب ٻڌايا آهن، انهن ۾ هڪ وڏو سبب بنا عذر جي روزو نہ رکڻ آهي.

فرض روزي ۾ ڪوتاهي ڪرڻ تي جهنم جو دڙڪو:

روزو جيئن اڳين امتن تي فرض هو، ائين نبي ڪريمﷺ جن جي امت تي بہ روزو فرض آهي. روزي جي ذريعي کائڻ پيئڻ ۽ جنسي خواهشن کان رڪجڻ جو مقصد انسان ۾ تقويٰ پرهيزگاري ۽ الله تعاليٰ جو خوف پيدا ڪرڻ ۽ ان کي ٻين مشڪلاتن ۽ پريشانين جو احساس پيدا ڪرڻ آهي. انهيءَ ڪري تہ روزو نہ فقط رمضان جي مهيني ۾ فرض قرار ڏنو ويو آهي، بلڪ مختلف موقعن تي نفلي روزن رکڻ جي بہ ترغيب ڏني وئي آهي.

حضرت ابوهريره رضہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺ جن ممبر تي ويٺا تہ پاڻ ڪريمﷺ جن فرمايائون تہ آمين. آمين. آمين. ڪنهن عرض ڪيو اي الله جا رسولﷺ! توهان ممبر تي ويهڻ شرط ٽي ڀيرا آمين ٽي فرمائي؟ پاڻ ڪريمﷺ جن فرمايو: جبرئيل عليہ السلام مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ جيڪو ماڻهو رمضان جو مهينو ڏسي ۽ پنهنجي بخشش نہ ڪرائي، اهو ماڻهو جهنم ۾ ويندو. الله تعاليٰ ان کي پري رکندو. آمين چئو. مون آمين چئي. (صحيح ابن خزيمہ، صحيح ابن حبان)

زڪوات نہ ڏيڻ ڪري قبر جو عذاب:

نبي ڪريمﷺ امت کي قبر جي عذاب جا جيڪي سبب ٻڌايا آهن، انهن ۾ هڪ وڏو سبب زڪوٰت نہ ڏيڻ آهي.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُواْ إِنَّ كَثِيراً مِّنَ الأَحْبَارِ وَالرُّهْبَانِ لَيَأْكُلُونَ أَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ وَيَصُدُّونَ عَن سَبِيلِ اللّهِ وَالَّذِينَ يَكْنِزُونَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلاَ يُنفِقُونَهَا فِي سَبِيلِ اللّهِ فَبَشِّرْهُم بِعَذَابٍ أَلِيمٍ {التوبة/34} يَوْمَ يُحْمَى عَلَيْهَا فِي نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكْوَى بِهَا جِبَاهُهُمْ وَجُنوبُهُمْ وَظُهُورُهُمْ هَذَا مَا كَنَزْتُمْ لأَنفُسِكُمْ فَذُوقُواْ مَا كُنتُمْ تَكْنِزُونَ {التوبة/35}

ترجمو: ”اي ايمان وارؤ ڪتاب وارن عالمن ۽ فقيرن مان گهڻا ماڻهن جو مال نڳيءَ سان ڪائيندا آهن ۽ الله جي واٽ کان (ماڻهن کي) جهليندا آهن، ۽ جيڪي سون ۽ رپي جو خزانو گڏ ڪندا آهن ۽ اُهو الله جي واٽ ۾ نہ خرچيندا آهن تن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي، جنهن ڏينهن (سندن مال) دوزخ جي باھ ۾ تپائبو (جڏهن تپندو تہ) پوءِ اُن سان سندن پيشانيون ۽ سندن پاسريون ۽ سندن پٺيون ڏنبيون، (چئبن تہ) هيءُ اُهو (خزانو) آهي جيڪو پاڻ لاءِ گڏ ڪيو هيوَ (ان جو) مزو چکو“. (ترجمو حضرت مولانا سيد تاج محمود شاھ امروٽي رحہ)

زڪوات ۾ خيانت ڪرڻ جو عذاب:

حضرت ابو رافع رضہ کان روايت آهي تہ چيائين تہ آئون نبي ڪريم ﷺ جن سان جنت البقيع وٽان لنگهي رهيو هئس تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو:
افسوس افسوس! مون سوچيو تہ شايد نبي ڪريم ﷺ جن منهنجي باري ۾ فرمائي رهيا آهن، مون عرض ڪيو اي الله جا رسول ﷺ ڇا مون کان غلطي ٿي وئي آهي، پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو غلطي نہ ٿي آهي، بلڪ آئون هن قبر واري کي فلاڻي قبيلي وٽ زڪوٰت اڳاڙڻ لاءِ موڪليو هئس

ته هن هڪ زره خيانت ڪئي. هاڻي اها ئي زره باهه بڻجي سندن ڳچيءَ ۾ پارائي وئي آهي. (احمد، نسائي خزيمه ۽ بيهقي)

زڪوات نه ڏيڻ تي قبر جو عذاب:

هتي پڙهندڙن جي خدمت ۾ زڪوٰت نه ڏيڻ وارن تي قبر جي عذاب جا ڪجهه واقعا ڏجن ٿا.

(1) مسعود صاحب لکي ٿو ته ان جي علائقي ۾ هڪ امير گهراڻي جي عورت هئي، ڪيس زيور پائڻ جو تمام گهڻو شوق هو. ڪنن ۾، ڳچيءَ ۾، هٿ ۾ ۽ پيرن ۾ هر وقت سون جا زيور هوندا هئس، اها انهن زيورن جي زڪوٰت نه ڏيندي هئي. ڪيترائي ڀيرا ماڻهن ان کي زڪوٰت ڏيڻ جو چيو، پر ان عورت زڪوٰت ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جڏهن سندس مرڻ جو وقت آيو ته ماڻهن ڏٺو ته زيور ان جي جسم جو حصو بڻجي رهيا آهن.

مرڻ کان پوءِ ان عورت جي مائٽن اهي زيور لاهڻ پئي چاهيا پر لاهي نه سگهيا، ڇاڪاڻ ته زيور تمام گهڻا هئا، زيور جي ڪٽڻ سان سندس جسم به ڪٽجي رهيو هو. هڪ عالم دين کي گهرائي ڪائنس پڇيو ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ان عالم دين چيو ته جيڪڏهن هن جا زيور نٿا لهي سگهن ته پوءِ هن کي هنن زيورن سميت قبر ۾ دفن ڪريو، اهڙي طرح ائين ئي ڪيو ويو. ان عورت جو پٽ روزانو پنهنجي ماءُ جي قبر تي ايصال ثواب لاءِ ڪجهه پڙهندو هو. هڪ ڏينهن ان کي اندران رڙين جو آواز پئي آيو، هن اهو ٻڌو ته سندس ماءُ جو آواز هو. ان سمجهيو ته سندس ماءُ تڪليف ۾ آهي. قبر کولي ڏٺائين ته هڪ نهايت ئي ڏيڃاريندڙ منظر ڏٺائين ته زيور ڳاڙي

رنگ جا هئا ۽ باھ وانگر ان جي ماءُ کي عذاب ٿي رهيو هو. قبر بند ڪري روئيندو پنهنجي ماءُ جي لاءِ استغفار پڙهڻ شروع ڪيو.

(2) زڪوات نہ ڏيڻ تي خوفناڪ نانگ:

حضرت عبدالله بن عباس رضہ جي زماني ۾ هڪ ماڻهو تمام گهڻو مالدار هو. جڏهن اهو مري ويو تہ ان جي قبر کوٽي وئي ان ۾ هڪ وڏو نانگ نڪتو. انهن حضرت عبدالله بن عباس رضہ کي ٻڌايو. حضرت عبدالله بن عباس رضہ انهن کي چيو تہ ٻي قبر کوٽيو، جڏهن ٻي قبر کوٽي وئي تہ ان ۾ بہ نانگ نڪتو، ايتري قدر ست قبرون کوٽيون ويون سڀني ۾ ائين نانگ نڪري رهيو هو.
پوءِ حضرت عبدالله بن عباس رضہ ان ماڻهوَ جي گهروارن کان ان بابت پڇيو تہ هن جو ڪهڙو ڏوھ هو؟ جنهن جي جواب ۾ گهروارن چيو تہ هي زڪوٰت نہ ڏيندو هو. ان کان پوءِ حضرت عبدالله بن عباس رضہ انهيءَ نانگ سان ئي دفن ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. (نزهة المجالس)

وياج کائڻ تي قبر جو عذاب:

نبي ڪريم ﷺ پنهنجي امت کي جيڪي قبر جا سبب ٻڌايا آهن، انهن مان هڪ وڏو سبب وياج کائڻ آهي. الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ جن وياج کائڻ وارن جي لاءِ سخت عذاب جون وعيدون ٻڌايون آهن.
الَّذِينَ يَأْكُلُونَ الرِّبَا لاَ يَقُومُونَ إِلاَّ كَمَا يَقُومُ الَّذِي يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطَانُ مِنَ الْمَسِّ ذَلِكَ بِأَنَّهُمْ قَالُواْ إِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبَا وَأَحَلَّ اللّهُ

الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبَا فَمَن جَاءَهُ مَوْعِظَةٌ مِّن رَّبِّهِ فَانتَهَىٰ فَلَهُ مَا سَلَفَ وَأَمْرُهُ إِلَى اللّٰهِ وَمَنْ عَادَ فَأُولَٰئِكَ أَصْحَابُ النَّارِ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ {البقرة/275}

ترجمو:”جيڪي وياج کائيندا آهن سي (قبرن مان) رڳو اُنهيءَ (ماڻهوءَ) جي اُٿڻ جهڙو اُٿندا جنهن کي جِنّ اثر سببان چريو ڪيو هجي، اِهو هن ڪري آهي جو اُهي (وياج خور) چون ٿا ته واپار وياج جهڙو ئي آهي، هن هوندي جو الله واپار کي حلال ڪيو آهي ۽ وياج کي حرام ڪيو آهي، پوءِ جنهن کي پنهنجي پالڻهار وٽان نصيحت آئي ۽ (وياج) ڇڏيائين تنهن لاءِ جيڪي اڳي ڪيائين سو (هينئر معاف) آهي، ۽ (آخرت ۾) سندس ڪم الله ڏانهن (سونپيل) آهي، ۽ جن هيءَ عادت نه ڇڏي سي دوزخي آهن، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن“. (ترجمو حضرت مولانا سيد تاج محمود شاهه امروٽي رحہ)

وياج کائيندڙجي کفن ۾ نانگ:

بلوچستان جي هڪ ڳوٺ ۾ ميت کي قبر ۾ لاهيندي ماڻهن ۾ خوف ۽ ڊپ پکڙجي ويو، جڏهن ميت سان چنبڙيل هڪ نانگ ڪفن مان ظاهر ٿيو. تفصيل مطابق شيخ مانده جو رهندڙ مري ويو. ان جي جنازي نماز پڙهڻ کان پوءِ جڏهن ميت کي قبر ۾ لاهڻ وقت ان جي مٿان وارو ڪپڙو پري ڪيو ته ان جي ڪفن تي هڪ خطرناڪ نانگ چنبڙيل هو.

اکين ڏٺي شاهدن جو چوڻ آهي ته نانگ ميت جي پيرن کان ٿپ ڏيندي سڄي ڪفن مان گذرندي ان جي مٿي تي ويهي رهيو. اکين ڏٺي شاهدن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته هي ماڻهو جيڪو مري ويو آهي اهو وياج جو ڪاروبار ڪندو هو.

پيءُ ماءُ جي نافرماني ڪرڻ تي قبر جو عذاب:

نبي ڪريم ﷺ امت کي قبر جا عذاب جا جيڪي سبب ٻڌايا آهن، انهن ۾ هڪ وڏو سبب پيءُ ماءُ جي نا فرماني ڪرڻ آهي.
هڪ روايت آيو آهي ته حضرت عبدالله بن ابي هذيل ٻڌايو ته هڪ ماڻهو هو، جڏهن به سندس والده ان سان ڳالهائيندي هئي ته ان جي منهن تي گڏه وانگر تي پيرا هينگون ڪندو هو، ماءُ کي چوندو هو تون گڏهِ آهين. جڏهن اهو مري ويو ته عصر کان پوءِ سندس قبر مان گڏه ٻاهر نڪري ايندوٽي پيرا هينگي وري ساڳيو قبر ۾ هليو ويندو هو.

ماءُ جي نافرماني ڪرڻ تي گڏه بڻجي ويو:

عوام بن حوشب رحہ فرمائي ٿو ته آئون هڪ ڳوٺ ۾ ويس ۽ ڳوٺ جي ويجهي قبرستان هو. جڏهن عصر جو وقت ٿيو ته ڏٺائين هڪ قبر کلي وئي. ان مان هڪ ماڻهو نڪري آيو، جنهن جو مٿو گڏه وانگر هيو. مون ماڻهن کان پڇيو ته هي ڇا آهي؟ مون کي ٻڌايو ويو هي شرابي هيو، جڏهن شراب پيئندو هو، جڏهن هوش ۾ ايندو هو کيس ماءُ نصيحت ڪندي چوندي هئي اي پٽڙا! الله تعاليٰ کان ڊڄ، اهو جواب ۾ ماءُ کي چوندو هو ته تون گڏه وانگر هينگي ٿي. ۽ اهو عصر جي وقت مري ويو. هاڻي روزانو عصر جي وقت قبر مان نڪري ٿو ۽ ٽي پيرا هينگي قبر ۾ داخل ڪيو ويندو آهي. (شرح الصدور71، عيون الحڪايات ابن جوزي رحہ)

هڪ ٻي روايت ۾ آيو آهي ته جڏهن پيءُ ماءُ جو نافرمان قبر ۾ دفن ڪيو ويندو آهي ته قبر ان کي ايترو زور ڏيندي

آهي جو ان ماڻهو جو پاسيرون هڪ ٻئي ۾ گهڙي وينديون آهن.

ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي ڪري قبر جو عذاب:

نبي ڪريمﷺ پنهنجي امت کي قبر جا عذاب جا جيڪي سبب ٻڌايا آهن، انهن ۾ هڪ وڏو سبب ڏاڙهي ڪوڙائڻ آهي.

ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا ڪترائي مُٺ کان گهٽ ڪرڻ حرام ۽ گناهه آهي ۽ جيڪو ائين ڪري اهو فاسق ۽ جهنمي آهي. حديث شريف ۾ آهي ته حضرت عبدالله بن عمر رضه کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ جن فرمايو مڇن کي ڪٽيو ۽ ڏاڙهي کي وڌايو". (ترمذي شريف جلد 2 صفحو 100)

ڏاڙهي ڪوڙائڻ تي قبر ۾ ڪارو وڇون:

ڪوئيٽه جي ويجهي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ڪلين شيو (ڏاڙهي ڪوڙائيندڙ) لا وارث نوجوان جو لاش مليو. ضروري ڪارروائي ڪرڻ کان پوءِ ماڻهن گڏجي ان کي دفنائي ڇڏيو. ٿوري دير کان پوءِ ميت جا وارث ڳوليندا اتي پهتا، انهن ماڻهن جي اڳيان پنهنجي هن خواهش جو اظهار ڪيو ته اسان پنهنجي هن عزيز جي قبر پنهنجي ڳوٺ ۾ ناهڻ چاهيون ٿا، جيئن ته قبر مان مٽي ڪوٽي پري ڪئي وئي جڏهن ان جو منهن ماڻهن ڏٺو ته رڙيون ڪرڻ لڳا، هاڻي جنهن ڪلين شيو (ڏاڙهي ڪوڙائيندڙ) کي دفن ڪيو ويو هو، ان جي منهن تي ڪاري ڏاڙهي نهيل آهي، ڏاڙهي ڪارن وارن جي نه هئي، بلڪ ڪارن وڇن جي نهيل هئي. اهو منظر ڏسي ماڻهو استغفار پڙهڻ لڳا. قبر کي ساڳيو ئي بند ڪري ڇڏيو.

ماپ تور ۾ گهٽتائي ڪرڻ تي الله تعاليٰ جو عذاب:

نبي ڪريم ﷺ امت کي قبر جي عذاب جا جيڪي سبب ٻڌايا آهن، انهن مان هڪ وڏو سبب ماپ تو ر ۾ گهٽتائي ڪري ماڻهن سان خيانت ڪرڻ آهي.

سامان ۽ سودو ڏيڻ وقت ماپ ۽ تور ۾ گهٽتائي ڪرڻ، هڪ قسم جي چوري ۽ خيانت آهي، جيڪو حرام ۽ وڏو گناهه آهي، جنهن جي سزا جهنم آهي. الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي:

وَيْلٌ لِّلْمُطَفِّفِينَ {المطففين/1} الَّذِينَ إِذَا اكْتَالُواْ عَلَى النَّاسِ يَسْتَوْفُونَ {المطففين/2} وَإِذَا كَالُوهُمْ أَو وَّزَنُوهُمْ يُخْسِرُونَ {المطففين/3}

ترجمو:"تور ۽ ماپ ۾) انهن گهٽ ڪري ڏيندڙن لاءِ ويل آهي، جي جڏهن (پاڻ لاءِ) ماڻهن کان مَئي وٺندا آهن ته بلڪل پورو ڪري وٺندا آهن، ۽ جڏهن اُنهن کي مَئي ڏيندا آهن يا ڪين توري ڏيندا آهن (ته) گهٽائي ڏيندا آهن". (ترجمو حضرت مولانا سيد تاج محمود شاهه امروٽي رحه)

مفسرن لکيو آهي ته "ويل" سخت عذاب کي چوندا آهن، ويل جهنم جي هڪ واديءَ جو نالو آهي. جنهن جي خصوصيت هي آهي ته دنيا جا جبل ان واديءَ ۾ داخل ڪيا وڃن ته ان جي گرمائش جي ڪري جبل به ڳري پوندا. جيئن ته حضرت شعيب عليه السلام جي قوم ماپ ۽ تور گهٽتائي ڪئي ته انهن تي ڪهڙو عذاب آيو. الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

فَأَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَأَصْبَحُواْ فِي دَارِهِمْ جَاثِمِينَ {الأعراف/78}

ترجمو:"پوءِ اُنهن کي زلزلي (جي عذاب) ورتو پوءِ پنهنجي جاين ۾ گوڏن ڀر ڪري مري ويا". (ترجمو حضرت مولانا سيد

تاج محمود شاھ امروٽي رحہ)
ماڻھو ھي سمجھندا آھن تہ ماپ ۽ تور ۾ گھٽتائي ان وقت ٿيندي آھي، جڏھن ماڻھو کو سودو وکٽي ۽ ان ۾ گھٽتائي ڪئي وڃي، پر علماء جو چوڻ آھي تہ:

اَلتَّطۡفِيۡفُ فِيۡ کُلِّ شَيۡءٍ

يعني ماپ ۽ تور ۾ گھٽتائي ھر شيءِ ۾ ٿيندي آھي.

جيڪڏھن ڪنھن ماڻھو جي اٺ ڪلاڪ ڊيوٽي آھي، پورا اٺ ڪلاڪ ڊيوٽي نٿو ڪري، اھو بہ ماپ ۽ تور ۾گھٽتائي ڪري رھيو آھي، اھو بہ ماپ ۽ تور ۾ گھٽتائي ڪرڻ واري عذاب جو حقدار ٿي رھيو آھي، ان جو بہ لحاظ ڪرڻ گھرجي. (گناہ کبیرہ کے اثرات)

نبي ڪريمﷺ امت کي قبر جي عذاب جا جيڪي سبب ٻڌايا آھن، انھن مان ھڪ وڏو سبب رشوت وٺڻ آھي.

نبي ڪريمﷺ جن رشوت وٺندڙ ۽ ڏيندڙ کي وڏن گناھن ۾ شمار ڪيو آھي، انھيءَ ڪري رشوت جھڙي موذي مرض کان پاڻ بہ بچون ۽ ٻين کي بہ بچايون.

(1) رشوت وٺندڙ ۽ زانيءَ جي ڪمائي کائيندڙ ٻئي برابر آھن. (ڪنزالعمال)
(2) رشوت وٺندڙ تي لعنت وسندي رھندي آھي. (ابن ماجہ)
(3) رشوت کائيندڙ جي دعا قبول نہ ٿيندي آھي. (مسلم شريف)
(4) رشوت کائڻ جي ڪري چاليھہ ڏينھن نماز قبول نہ ٿيندي آھي. (ديلمي)

رشوت ونڻ جي ڪري قبر ۾ خوفناڪ نانگ:

رشوت جي بيماري اڄ ڪلهه عام جام ٿي وئي آهي. هر ماڻهو رشوت جي ڪري پريشان آهي. هي بيماري سڄي ملڪ ۾ پکڙجي وئي آهي. الله تعاليٰ کان دعا آهي ته هن موذي بيماريءَ کان سڀني مسلمانن جي حفاظت فرمائي. آمين. هتي پڙهندڙن جي خدمت ۾ رشوت ونڻ جي ڪري عبرت حاصل ڪرڻ خاطر هڪ واقعو پيش ڪجي ٿو.

حافظ ابن حجر مڪي رحہ فرمائي ٿو ته هڪ ماڻهو جنهن جو نالو عبدالباسط هو، جيڪو هڪ شهر جي قاضي جو پٽيوالو هيو. جيڪو پهريون ته صفا غريب هو، پر قاضي وٽ رهڻ جي ڪري رشوت ۽ ناجائز ڏن دولت ڪمائي آسودو ٿي ويو. جڏهن اهو مري و يو. ماڻهن کيس قبر ۾ دفن ڪري ڇڏيو.

اتفاق جي ڳالهه آهي ته دفن ڪرڻ کان پوءِ ان جي قبر ٿوري کلي وئي، ته هڪ نانگ ان جي لاش سان چنبڙيل هو، اسان ڏٺي ڪري ڪليل قبر تي مٽي وجهي ڇڏي، عبرت ڪندي گهر موٽياسون. (ڪتاب الزواجر حافظ ابن حجر مڪي رحہ)

اهڙن ماڻهن کي نبي ڪريم ﷺ جو هي فرمان اکيون کولي پڙهڻ گهرجي:

”اَلرَّاشِيْ وَالْمُرْتَشِيْ فِي النَّارِ“

رشوت وننڌڙ ۽ رشوت ڏيندڙ ٻئي جهنمي آهن.

شراب ۽ قبر جو عذاب:

نبي ڪريم ﷺ امت کي قبر جي عذاب جا جيڪي سبب ٻڌايا آهن، انهن مان هڪ وڏو سبب شراب پيئڻ آهي.

شراب پيئندڙ جو دردناڪ انجام:

حضرت اسماء بنت يزيد فرمائي ٿي تہ مون نبي ڪريم ﷺ جن کان ٻڌو آهي پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو جيڪو ماڻهو شراب پيئندو آهي، شراب جي هڪ ئي قطري جو پيٽ ۾ وڃڻ سان ئي ان جي ست ڏينهن عبادت، روزو ۽ نماز ڪجھ بہ قبول نہ ٿيندو، جيڪڏهن شراب پيئڻ جي ڪري بيهوش ٿي ويو تہ اهڙي ماڻهو جي چاليھ ڏينهن نماز قبول نہ ٿيندي ۽ جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ مري ويو تہ اهو ڪافر ۽ مشرڪ ٿي مري ويو، جيڪڏهن توبہ ڪري مري ويو تہ الله تعاليٰ سندس توبہ قبول ڪندڙ آهي. جيڪڏهن ٻيهر شراب پيئڻ شروع ڪيائين تہ الله تعاليٰ ان کي جهنم ۾ داخل فرمائيندو. (تنبيھ الغافلين صفحو 247)

شراب پيئندڙ جو بڇڙو انجام:

حضرت معبد جهني رحہ جو بيان آهي تہ شام ملڪ ۾ هڪ ماڻهو شراب پيئندڙ کي مرڻ وقت ڪلمي پڙهڻ جو چيو ويو، پر ان ڪلمي پڙهڻ بدران هن چيو :" اِشْرَبْ وَاسْقِنِيْ''. (پاڻ بہ پيءُ ۽ مون کي بہ پيارِ) يعني ان جي دماغ تي شراب پيئڻ جا خيال اڇي رهيا هئا. (التذڪره في احوال الموتيٰ صفحو 40)
فائدو: هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ تمام گهڻو شراب پيئڻ ماڻهو کي ڪلمو پڙهڻ بہ نصيب نہ ٿو ٿئي، انهيءَ ڪري شراب پيئڻ کان سيني مسلمانن کي بچڻ گهرجي.

وعدي خلافي ڪرڻ تي قبر جو عذاب:

نبي ڪريم ﷺ امت کي قبر جي عذاب جا جيڪي سبب ٻڌايا آهن، انهن مان هڪ وڏو سبب وعدي خلافي ڪرڻ آهي.
وعدي خلافي ڪرڻ وڏو گناهه آهي، ڇاڪاڻ ته پنهنجو وعدو پورو ڪرڻ مسلمانن تي واجب آهي. الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا أَوْفُوا بِالْعُقُودِ {المائدة/1}

ترجمو:"اي ايمان وارؤ (پنهنجن) انجامن کي پاڙيو". (ترجمو حضرت مولانا سيد تاج محمود شاهه امروٽي رحہ)
الله تعاليٰ وعدو پورو نه ڪرڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائيندڙ تي قيامت تائين ان جي دل ۾ نفاق پري ڇڏيندو. انهيءَ ڪري وعدي خلافي ڪرڻ کي منافق جي نشاني چيو ويو آهي. جيئن نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي:

"آيَةُ الْمُنَافِقِ ثَلَاثٌ إِذَا حَدَّثَ كَذَبَ وَإِذَا وَعَدَ أَخْلَفَ وَإِذَا اؤْتُمِنَ خَانَ". (بخاري ڪتاب الايمان)

منافق جون ٽي نشانيون آهن، پهرئين جڏهن ڳالهائي ته ڪوڙ ڳالهائي، ٻي جڏهن وعدو ڪري ته وعدي خلافي ڪري، ٽئين جڏهن ان وٽ امانت رکي وڃي ته خيانت ڪري.

وعدي خلافي ڪندڙ بي دين آهي:

نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو جيڪو وعدو پورو نٿو ڪري ان جو ڪو به دين نه آهي. شرح الصدور صفحو 120)

قرآن مجيد وساريندڙ ۽ قرآن مجيد جي بي ادبي ڪندڙ تي قبر جو عذاب:

نبي ڪريم ﷺ مشاهدن جي آڌار تي امت ڪي قبر جي عذاب جا جيڪي سبب ٻڌيا آهن، انهن مان وڏو سبب قرآن مجيد کي ياد ڪري وسارڻ آهي.

قرآن مجيد کي پڙهي غفلت ۽ بي پرواهيءَ سان ان کي وسارڻ تمام وڏو گناهه آهي. ان جي باري ۾ هتي ڪجهه حديثون پيش ڪجن ٿيون.

(1) حضرت انس رضہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو منهنجي جي سيني ثواب جي ڪمن کي منهنجي اڳيان پيش ڪيو ويو، ايتري قدر جو مسجد ۾ گندي شيءِ جي ڪڍڻ جو بہ ثواب پيش ڪيو ويو. ۽ منهنجي امت جي سيني گناهن کي بہ منهنجي اڳيان پيش ڪيو ويو، مون هن کان وڌيڪ ٻيو گناهہ نہ ڏٺو جو ماڻهو قرآن مجيد جي آيت يا سورت ياد ڪري ان کي وساري ڇڏي. (الترغيب والترهيب صفحو 359 جلد 2)

(2) حضرت سعد بن عباده رضہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: جيڪو ماڻهو قرآن مجيد پڙهي ان کي وساري ڇڏي ٿو، اهو الله تعاليٰ جي اڳيان هن حالت ۾ پيش ٿيندو، جو اهو ڪوڙهہ وارو هوندو. (الترغيب والترهيب صفحو 359 جلد 2)

(3) حضرت عبدالله بن عباس رضہ کان روايت آهي تہ جنهن جي سيني ۾ قرآن مجيد نہ هجي اهو ويران گهر وانگر آهي. (الترغيب والترهيب صفحو 359 جلد 2)

قرآن مجيد ۽ ديني پنن جي بي ادبي کان بچو:

حضرت عبدالله بن عمر رضہ کان روايت آهي تہ نبي ڪريمﷺ جن دشمن جي علائقي ۾ قرآن مجيد کڻي سفر ڪرڻ کان منع ڪئي آهي، ڇو تہ ان ۾ ڊپ آهي تہ قرآن مجيد دشمن جي هٿ نہ لڳي وڃي. (مسلم شريف صفحو 131، جلد 2)

فائدو: جيڪڏهن قرآن مجيد دشمن جي هٿ لڳي ويو تہ اهو تہ قرآن مجيد جي بي ادبي ڪندو، انهيءَ قرآن مجيد کي دشمن جي علائقي ۾ کڻي نہ وڃجي.

ديني پنن جي بي ادبي ڪرڻ وڏو گناه آهي:

ڪي ماڻهو ديني پنن کي ڪتابن جو جلد ڪري انهن ڪتابن کي بي ادبي سان اڇلائيندا آهن. اهڙي طرح ڪن گهرن ۾ديني پنا جُتين ۾ پيل هوندا آهن، يا ٻهاري جي ذيعي ڪچري ۾ اڇلائيندا آهن. ديني پنن جي ادبي ڪرڻ جا ڪيترائي نقصان آهن.

ديني پنن جي بي ادبي ڪرڻ سان دل سخت ٿي ويندي آهي:

قرآن مجيد ۽ ديني پنن جي بي ادبي ڪرڻ سان انسان جي دل بي ادب بڻجي ويندي آهي، اڳتي هلي ديني پنن جي بي ادبي ڪرڻ جي ڪري دل سخت ٿي ويندي آهي.

الله تعاليٰ کان نماڻي دعا آهي اسان سڀني مسلمانن کي پنهنجي نبي سڳوريﷺ جي ٻڌايل طريقي جي مطابق زندگي گذارڻ جي توفيق بخشي آمين.